# پليجي جا ڪارناما

مرتب- آزاد قاضي

فڪر نو پبلشنگ هائوس ڪراچي

(حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ)


| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | ـ | پليجي جا ڪارناما |
| مرتب | ـ | آزاد قاضي |
| ڇاپو | ـ | پهريون |
| تعداد | ـ | هڪ هزار |
| ڇپائي سال | ـ | جنوري ١٩٨٨ع |
| ڇپيندڙ | ـ | رتن پرنٽنگ پريس ڪراچي |
| قيمت | ـ | ارڙهن رپيا |

(اداري جو ٽيون ڪتاب)

فڪر نو پبلشنگ هائوس ڪراچي

سـ٨ـن

# فهرست


| | |
|---|---|
| پيش لفظ | آزاد قاضي |
| انقلابي ملي جو سياسي | اختر ڪاڪيپوٽو |
| پوسٽ مارٽم | |
| جي توکي سچ چوان | خادم لاکير |
| پليجي جا ڪارناما | عبدالواحد آريسر |
| تنبيهه | حفيظ قريشي |
| اصلي سوشلزم اصلي ڪامريڊ | معلوم |
| ٻاهر ٻولي هنجهه جي | آزاد قاضي |
| حرف آخر | آزاد قاضي |


## ڪتاب اندر هيٺين لفظن کي درست ڪري پڙهندا

| ص | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| 7 | 23 | حيات | ماي |
| 12 | 4 | جماعت اسلامي | جمعيت العماء اسلام |
| ” | 10 | ” ” | ” ” |
| 14 | 23 | شوڪت حيات | شوڪت ماي |
| 15 | 24 | شوڪت حيات | شوڪت علي |
| 19 | آخري سٽ | ” ” | ” ” |
| 92 | 4 | ” ” | ” ” |
| 108 | 13 | ” ” | ” ” |
| 122 | 12 | ” ” | ” ” |

## انهن جي نالي

جيڪي قومي تحريڪ آزادي واري جدوجهد ۾
رڪاوٽون وجهي رهيا آهن.

الاکـر جين مندي جنين مـن ۾،
اسـان ۽ پرين جون اميدون پسن،
تهان پوءِ مرن، سڙي انهيءَ سور ۾.
”شاهه“

ٻئي طرف ”بلوچ“ قوم پرستي جنهن جي اڳواڻي عطاءُالله منگل ۽ خيربخش مري ۽ ٻين سردارن پئي ڪئي ۽ ٽئي طرف پٺاڻن جي قومي تحريڪ جنهن جي اڳواڻي پليجي واري موجوده آقا ۽ اڳواڻ خان عبدالولي خان پئي ڪئي. اهڙي موقعي تي پ. پ سرڪار پليجي کي ميدان عمل ۾ آڻي تهي ڏرين خلاف غليظ نموني جي پروپئگنڊا ڪرائي. ان وقت پليجي، بلوچن جي قومي تحريڪ کي سردارن جي جنگ قرار ڏيئي مخالفت ڪئي. ولي خان ۽ نعپ لاءِ هن گوهر افشاني ڪئي ته ” اها هڪ ڏپ ڪري ويل سڙيل لاش آهي، جيڪو جلد دفن ٿيڻ گهرجي (١)“.

جيئن ته پ. پ جي اڳواڻ جو تعلق سنڌ سان هو ان ڪري سڀ کان وڏيڪ مخالفت جو منهن به سنڌ ۾ ئي ڏسڻو پئي پيس ان لاءِ مسٽر پليجي کي سنڌ ۾ ئي وڌيڪ محنت ڪرڻي پيئي. ان لاءِ هو پنهنجي هٿ ٺوڪئي وطن دوست انقلابي نظريي سان هٿياربند ٿي ميدان عمل ۾ نڪري آيو. اهڙي ريت سرڪار جي خاص ڪوتا تي نڪرندڙ سندس نقش سليماني پرچو

---

(١) عجيب اتفاق آهي جنهن ولي خان لاءِ مسٽر پليجو مٿيئن نموني جي گوهر افشاني ڪري چڪو آهي. اڄ ان ساڳي وليءَ جي پيرن کان ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار ناهي. جيڪڏهن سنڌ سرڪار ڪن انتظامي معاملن سبب ولي خان کي سنڌ ۾ داخل ٿيڻ کان منع ڪري ٿي ته هي مادو پرست مها انقلابي وَرَ ڪنيو، هاءِ ڪورٽ تائين پهچو وڃي، ڇي ” اها ته سراسر ناانصافي ۽ ناحق آهي، پٺاڻ اصل کان سنڌ ۾ ايندا رهيا آهن. اهو سندن خانداني حق آهي، مدد خان کان وٺي اهي سنڌ سان اهڙا قرب ڪندا رهيا آهن، تن کي هاڻ وري ڪيئن ٿو روڪيو وڃي، اها ته سراسر نا انصافي ۽ بي واجبي ڳالهه آهي.

حيثيت ڪانهي، هو ته ڪلاشنڪوف جي سايي ۾ اجلاس ٿو ڪري!" اهڙي ريت هي پنهنجو پارٽ ڪي مها انقلابي چوائيندڙ ڏاهپ واري ڍنگ سان ڪوئي جيان هريڙ لهي، پنهنجو پارٽ ڪي وڏو پساري ظاهر ڪرڻ لڳو پر ڏنل وائنل سنڌي عوام جي نظرن ۾ ساڳيو ڪوئي جو ڪوڏو ئي رهيو. ان ڪري سنڌ واپس ورڻ تي جڏهن مٿين لاڦ زني سبب ڪيس مختلف جاين تي وٺ ٿي. تڏهن وري نئون رنگ اختيار ڪندي مورڳو ان ڳالهه تان ئي ڦري ويو پر ان وقت اخبارن ۾ آيل بيانن ڪي ڪير ٿو ختم ڪري سگهي. بهرحال پنجابين جو آشيرواد حاصل ڪرڻ لاءِ پليجي، پنجابي پڳڙ پائي قومي تحريڪ ۽ خاص طرح سان قومي تحريڪ جي سرواڻ سائين جي.ايم. سيد خلاف جيڪو زهر اوڳاڇيو، پنجابين جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ هٿ پير هنيا ان ۾ پنجابين لاءِ پنهنجو پارٽ ڪي وڏيڪ ڪارگر ۽ ڪارآمد ظاهر ڪرڻ لاءِ، پنجاب ڪان موٽڻ تي، هن سنڌ جي دوري دوران قومي تحريڪ ۽ سيد خلاف پنهنجي پروپيگنڊا جاري رکي جيئن لاڙڪاڻي ۾ جلسي دوران پنجاب ڪي اهو ڏيکارڻ لاءِ ته الله جي فضل ۽ اوهان آقائن جي سهاري سان ئي مان اهڙو ماڻهو آهيان جيڪو سنڌ ۾ ويهي جي. ايم. سيد کي مان ئي چئلينج ڪري سگهان ٿو. هن چيو "جي. ايم. سيد ڪير ٿيندو آهي جيڪو بند ڪمرن ۾ ويهي سنڌ جا فيصلا ٿو ڪري؟" پليجي صاحب جي اها ڳالهه به ڪٿي مڃجي پر سوال آهي ته سنڌ جا مسئلا جيڪڏهن سنڌ جي سر زمين تي ڪمرن ۾ نتا ڪري سگهجن ته سردار شوڪت حيات ۽ ملڪ قاسم سان پنجابڪا پڳڙ ٻڌي راويءَ جي ڪناري پڳوڙا ناچ ڳائيندي به سنڌ جي مستقبل جو فيصلو ڪرڻ جي سنڌي قوم ڪنهن کي اجازت نه ڏيندي.

مسٽر پليجي پنجاب ۾ گرفتاريءَ دوران جا واقفيت وڌائي (جنهن جو تفصيلي ذڪر اڳتي ايندو) ان واقفيت ۽

ماضيءَ ۾ پنجاب جي بالادستي واري تجربي جي روشنيءَ ۾ هن گهٽي غور و ويچار، دانائي ۽ ڏاهپ کان پوءِ اهو فيصلو ڪيو ته ڪنهن طريقي سان پنجاب جي مفاد واري سياست ڪرڻ گهرجي ڇاڪاڻ جو اهڙي سياست ۾ موقعي پرستي ۽ مفادپرستي جا وڏيڪ موقعا ميسر ٿي سگهن ٿا. تاريخي تسلسل اهوئي ثابت ڪيو آهي ته هتي وڏي ۾ وڏو ليڊر صرف اهوئي ٿي سگهي ٿو. جيڪو پنجاب لاءِ سياست ڪري، پنجاب جو جنهن کي آشيرواد حاصل هجي اها ٻي ڳالهه آهي ته وقتي طرح ڪي اختلافي نعرا بلند ڪيا رهجن انڪري ته جيئن سوديبازي ڪرڻ دوران وڏو نفعو حاصل ڪري سگهجي. اهڙي نيڪ نيتي واري ويچار لاءِ پليجي صاحب جون حريص نظرون وڃي آخر ولي خان تي پيون (جيڪو اڳ ئي ساڳي ڪم ۾ مصروف عمل هيو) اها ٻي ڳالهه آهي ته مسٽر پليجو ماضيءَ ۾ ولي خان ۽ سندس پراڻي نعپ کي ”ڌپ ڪري ويل لاش“ چوندو هيو. پر اڄ جڏهن اهائي نعپ نئين نالي سان ”گڏهه ساڳي آٽر ٿوان“ مٿائي آئي آهي. ۽ ڪيس ان جي پليٽ فارم تان منافقيءَ ڪرڻ جو موقعو مليو آهي تڏهن وري نعپ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ”اڳي جاگيردارن جي پارٽيءَ (نعپ) تي هڪ هٿي هوندي هئي هينئر اها نه آهي(١) موقعي پرستيءَ جي انڌ واري گهوڙي تي وهڻ ڪري هو اهو به وساري ويٺو آهي ته اڳ واري نعپ جنهن ۾ سندس چوڻ موجب جاگيردارن جي هڪ هٿي هئي ان جو سربراهه به ته ساڳيو ولي خان ئي هيو ۽ سيڪريٽري محمودالحق عثماني هوندو هو ان جي جاءِ تي وري سردار شوڪت حيات کي آندو ويو آهي ان معمولي تبديليءَ سان جنهن شيءِ کي جنهن پارٽيءَ کي، هو وڏو انقلابي عمل ٿا سڏين ان کي جڏهن غور سان ڏسجي ٿو ته نه رڳو گڏهه

(١) پليجو، رسول بخش انٽرويو ماهوار نئون نياپو حيدرآباد جون جولاءِ ١٩٨٦ع.

ان ڪانپوءِ هڪ ٻه ٻيرا محترم جي ايم سيد ڏانهن پنهنجا نمائندا روانا ڪيائين ته ”آءٌ اوهان سان گڏجي ڪم ڪرڻ گهران ٿو“ پر سنڌس طريقو اهوئي ”اندر ڪارو ڪانءُ، ٻاهر ٻولي هنجهه جي“ وارو رهندو آيو.

مسٽر پليجي مٿين ڪار گذارين ڪانپوءِ تحريڪ ۾ پيش ڪيل سمورين لکڻين کي سنڌ طور هڪ جاءِ تي ”واڌون ويهه ٿيون“ نالي گڏ ڪري ڇپرو ڪرايو هو.

هن ڪتاب ۾ آءٌ قوم پرستن پاران وضاحت طور لکيل جوابي مضمونن منجهان چونڊ مضمونن سان گڏ موجوده وقت ۾ پليجي پاران نت نون نمونن سان ڪيل مڪاريءَ وارن واقعن تي مبني هڪ مضمون ”ٻاهر ٻولي هنجهه جي“ نالي، لکي، هي ڪتاب پيش ڪري رهيو آهيان. جنهن جي اڳياڙي ۽ پڇاڙيءَ ۾ مسٽر پليجي جي سياسي ڪردار ۽ ڪارگذارين کي سمجهڻ لاءِ پنهنجي طرفان نوٽ لکي ڪتاب کي جامع طور تيار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. شال سنڌ جو غيور عوام، دوست ۽ دشمن جي پرک ڪري، سڃاڻي واٽ وٺي سگهي.

طالب العلم

**آزاد قاضي**

۴. سيپٽمبر ۱۹۸۷ع

ترجمي جي تڪليف ڏيڻ کري تسليم ته آخر انهي عظمت جو وارث مترجم محترم ڪهڙي قانون موجب آهي جو ماءُ جي مارچ جو طعنو ٿو جي- ايم- سيد کي ملي. ليڪن وارا صاحب سڳورا معياري قرباني جو طعنو طور ذڪر ته ڪن ٿا پر پاڻ ۾ نهارين ته پاڻ ڪيتري پاڻي ۾ آهن.

هر مختلف الخيال ماڻهو کي وڏيرپ جو ميهڻو ڏيڻ وارا شرمسار ٿا ٿين ته آخر پاڻ جيڪا گهٽي ٽٽي لئي پيا ڪن سا سندن محنت ڪشي جو ميوو آهي يا اها به سندن ”وڏيرپ“ آهي.

پائو پنهنجا شايد تون وڏو قلم باز آهين ته انهنجو قلم افسانه نويس ۽ افسانه تراش آهي مگر ادب ۽ بي ادبي ۾ ملي جائز قرار ڏيو بي حيائي کان ته پاسو ڪريو.

عبدالحفيظ قريشي
سابق ڪنوينر سنڌي عوامي تحريڪ

چونڪارو سمايل آهي. اهڙن ڳالهيائن لاءِ جمال عبدالناصر جو چوڻ آهي. "قوت جو مفهوم اهو نه آهي ته اوهان ڪيترو وڏو آواز ۽ گوڙ ڪري سگهو ٿا. اصل قوت اها آهي ته توهان کي هاڪاري عمل، ان جي مڪمل گهرجن سان پوري ڪرڻ جي صلاحيت رکو ٿا يا نه"[١]( ).

مٿين نمونــي جي پروپيگنڊا ڪندڙ، چنيسر ۽ نـاڏومل جي پائرن جو مقصد اهو هوندو آهي ته جيئن عوام قومي تحريڪ آزاديءَ واري انقلابـي عمل ڏانهن نه وڌي سگهي چاڪاڻ جو جڏهن به عوام قومي آزادي واري حقيقي مقصد کــي سمجهي وٺندو تڏهن ان جو هر عمل قومي آزادي ماڻڻ طرف هوندو ۽ اهــڙو عمل انهن ڪمدارن، ڪماشتن ۽ سندن آقائن جي مفادن خلاف هوندو.

حاڪم ڌرين طرفان ٽاتيل، پاليل اهڙا ڪماشتا، مخصوص مصلحتن خـاطر پنهنجي آقا جي ڪجهه فردن يـا ڪن طبقن، ڪجهه آفيسرن ۽ بيوروڪريٽ جي حوالي سان مخالفت وارو ڍونگ رچائي مظلوم قوم مٿان اهو تاثر ڏيڻ لڳندا آهن ته اسين ئي اوهان جا حقيقي همدرد آهيون. اهڙيون ڳالهيون ڪري، هو محڪوم قـوم جي فردن ۾ قومي سوچ پيدا ڪرڻ بجاءِ، گروهي سوچ پيدا ڪرڻ وارو مڪروهه لاڙو پيدا ڪرائڻ واري ڪوشش ڪندا آهــن . اهڙي ريت آهستي آهستي مٺڙي زهـر جيان قوم جي مظلوم عـوام ۾ حاڪم قوم خلاف پيدا ٿيندڙ نفرت واري آيار جي جاءِ تي گروهي ۽ طبقاتي نفرت پکيڙڻ جي ناڪام ڪوشش ڪندا رهندا آهن. باوجود سندن اهڙين مڪارانه چالبازين ۽ چالاڪين ، حرفتن ۽ اٽڪلن جــي ، قومي تحريڪ جيڪا ويهين صديءَ جو سڀ کان وڏو سچ آهي، جيڪا مظلومن جي روح جو آواز آهي. اها پنهنجي مخصوص انداز سان جيئن

(١) جمال عبدالناصر ، انقلاب جو فلسفو مترجم : سيد سرمد ، ڪنڊيارو: روشني پبليڪشن ١٩٨٣، ص١٣۴.

وڏيون ايپلون ڪيائون. پمفليٽ ۽ چوپڙيون پڌريون ڪيائون جن ۾ هر ڳوٺ، شهر، تعلقي ۽ ضلعي ۾ سنڌ بچايو تحريڪ جون شاخون کولي ڪنوينر صاحب کي اطلاع ڪرڻ جي گذارش ڪيل هئي. سندس ان عمل شروع ڪرڻ جو بنيادي مقصد هي هيو ته ڪيئن به ڪري پنجابين خلاف اٿندڙ نفرت جو رخ موڙيو وڃي ۽ ان جي جاءِ تي مهاجر نفرت اپاري سنڌ ۾ سنڌي مهاجر فساد ڪرايا وڃن ته جيئن پنجابين جون پاڙون ڪمزور ٿيڻ کان بچي وڃن. ان جو ثبوت سندن لکت منجهان ئي ملي ٿو "سنڌ ۽ سنڌي ماڻهن کي بچايو" نالي پمفليٽ ۾ ڪاٿي به پنجابين ۽ پٺاڻن جو رڳو نالو به ناهي ڪيو ويو. جيڪا به نفرت پيدا ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي سان رڳو مهاجرن ۽ افغان پڳوڙن خلاف آهي. جيئن ساڳي چوپڙيءَ ۾ مطالبن جو ذڪر ڪندي لکن ٿا". بنگلاديش، ڀارت، افغانستان وغيره مان سنڌ تي ٿيندڙ بهارين، ڀارتين ۽ افغانن جون يلغارون بند ڪيون وڃن" ان بنياد تي به ئي ڏينهن رڙيون دانهون ڪيائون، پر ڪنهن به سندن مڪارانه آلاپن کي ڪونه ورنايو. ان وچ ۾ پليجو صاحب خير سان جيل کان ٻاهر نڪتو ۽ جڳهاڙ ڪري، يورپ روانو ٿي ويو. مٿان ١٧ جنوري ١٩٨٧ع تي سائين جي ايم سيد سنڌ جي سمورين سياسي پارٽين کي سنڌ جي مسئلي بابت پنهنجي پنهنجي موقف پيش ڪرڻ ۽ صلاح مصلحت ڪرڻ لاءِ ڪليل سڏ ڏنو. اها ڳالهه پنجاب سامراج کي تمام خراب پئي لڳي تنهنڪري ڀريان ته گڏ ٿيندڙ اجتماع کي روڪڻ جي ڪوشش ڪيائون پر جڏهن معاملو شدت اختيار ڪري ويو تڏهن انتظامي معاملن جي مد نظر سرڪار کي خاموش رهڻو پيو. اهڙي حالت ۾ موقعي پرست ماڻهن پنجابي ماڻهن کي راضي رکڻ لاءِ پنهنجي مخصوص مفاد جي مد نظر ڪو به ڪارگر رد عمل ظاهر نه ڪيو. چاڪاڻ جو پنجاب لاءِ اها ڳالهه ڏاڍي اوکي ۽ اڻوڻندڙ هئي جو سيد جهڙي پنجاب دشمن

موراڳو مچر جي پيو "نہ بابا نہ اهي الڳ الڳ تنظيمون آهن، انهن جو پنهنجو جدا جدا فريم ورڪ آهي" اها هئي اتحاد جي جي علمبردار جي شروعات ۾ ڏي سچائي ۽ نيڪ نيتي! اهڙي منجهيل ماحول ۾ پنهنجو موقف واضح ڪرڻ لاءِ جيئي سنڌ محاذ طرفان ٧-٧-٨٧ تي مختلف اخبارن ڏانهن هيٺيون وضاحتي بيان جاري ڪيو ويو.

"ڪالهه وارن ڪجهه اخبارن ۾ سنڌ هاري ڪميٽي جي صدر غلام رسول سهتي جي پريس ڪانفرنس ڇپي آهي جنهن ۾ هن اعلان ڪيو آهي تہ ١٧ جولاءِ تي ڪراچي ۾ هڪ اجلاس ٿيندو. جنهن ۾ سنڌ جي حقن جي حاصلات لاءِ هڪ مشترڪ حڪمت عملي وضع ڪئي ويندي. جن ليڊرن جي اجلاس ۾ شرڪت تي رضامند هئڻ جي دعوي ڪئي وئي آهي تن ۾ جيئي سنڌ محاذ جي چيئرمين عبدالواحد آريسر جو نالو پڻ شامل آهي. انڪري اسين پنهنجو موقف واضح ڪرڻ ضروري سمجهون ٿا.

سڀ کان پهريان اها ڳالهه آهي تہ جناب عبدالواحد آريسر اهڙي ڪنهن بہ اجلاس ۾ شريڪ ٿيڻ تي آمادگي ظاهر ناهي ڪئي. بلڪ حقيقت تہ اها آهي تہ اجلاس جي منتظمين هن سان ڪو رابطوئي ناهي ڪيو. جڏهن ڪنهن معاملي جي شروعات ئي بدنيتي تي مبني هجي تہ ان جو انجام ڪهڙو ٿيندو؟

ٻي اهم ڳالهہ اها آهي تہ سنڌ جا اهي همدرد جڏهن سنڌ جي حقن جي حصول جي ڳالهہ ڪن ٿا تڏهن اهي، اهو ٻڌائڻ کان يا تہ ڊڄن ٿا يا چاڙي واڙي سنڌ جي ماڻهن کان لڪائڻ گهرن ٿا تہ اهي حق ڪسيا ڪنهن آهن جڏهن تہ اها ڳالهہ تاريخ روز روشن جيان ظاهر ڪري ڇڏي آهي تہ پاڪستان ٺهڻ کان وٺي اڄ تائين مظلوم قومن جا حق غصب ڪرڻ وارو پنجاب آهي. ۽ جڏهن دشمن جو تعين نہ هجي تہ اتحاد ڪنهن جي لاءِ ۽ ڪنهن جي خلاف!

ان کانسواءِ انهيءَ اجلاس ۾ تجويز ڪيل شريڪ ٿيندڙن

ڪرڻ رستي مختلف مڪتبہ فڪر رکندڙ سياستدانن ۽ عام ماڻهن کي هن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ جو سڏ ڏنو. ان ڪانسواء مختلف پارٽين جي اڳواڻن کي خاص طور تي مدعو ڪيو جن ۾ مسٽر پليجو پڻ شامل هو (١) ڪانفرنس کي ڪامياب بنائڻ لاء ڪاميٽيءَ سر ٽوڙ ڪوشش ڪري، ڪانفرنس جو بهترين بندوبست ڪيو.

ڪانفرنس واري ڏينهن يعني ٢٣ جولاء تي ڪانفرنس منعقد ڪرائيندڙ ڪميٽي پنهنجا پنهنجا ڪم ورهائي ڪنيا جن موجب اسٽيج سيڪريٽري طور علي حسن چانڊيو مقرر ڪيو ويو هو. ۽ ڊسپلين ڪميٽي جا ڪارڪن اسٽيج جي چوڌاري ۽ پنڊال ۾ مختلف جاين تي منعقد ٿيل هئا. تمام پرسڪون ماحول ۾ عوام کي جلسي شروع ٿيڻ جو انتظار هو ايتري ۾ ٺيڪ پوڻين ڇهين بجي مسٽر رسول بخش پليجو حاڪمانہ انداز ۾ بندوقن ۽ رائيفلن سان مصلح ٻہ سؤ هٿياربندن جي جٿي سان پنڊال ۾ پهتو. اسٽيج سيڪريٽريءَ ڪيس آجيان طور پليڪار ڪندي، ٻين مهمانن جي اچڻ تائين اسٽيج جي ڪابي پاسي مهمانن واري

---

(١) پليجي، جو پراڻو شاگرد مسٽر مسعود نوراني لکي ٿو تہ اسان کي اها بہ خبر پئي آهي تہ پليجي صاحب کي ڪانفرنس ۾ شرڪت جي باضابطي ڪا دعوت ڪانہ ملي هئي، فقط سنڌس نالو ڪانفرنس واري پوسٽر ۾ ڇاپيو ويو هو" (هفتيوار ڪڇهري ١٦ آگسٽ ١٩٨٧ع) خبر ناهي تہ مسٽر نوراني اها معلومات ڪٿان هٿ ڪئي. يا وري پليجي سان پاڻ ملهائڻ واري عشق ۾ ايترو تہ غلطان ٿي ويو جو اهو بہ خيال نہ رهيس تہ ان ڳالهہ جو تہ پاڻ پليجي وارا بہ ذڪر ڪونہ ٿا ڪرن بلڪ کين تہ موراڳو اها شڪايت آهي تہ پليجي وارن جي ڪارڪنن سان گڏجي جمع ڪيل چندو پليجي لاء گهٽ خرچ ٿيو آهي.

ڪانفرنس ڪميٽي پاڻ هلائيندي ۽ اوهان مهمان آهيو ۽ ذميداري جو ثبوت ڏيو، گڙٻڙ نہ ٿيڻ ڏيو پر انهن همراهن نہ صرف نابري واري پر ڌمڪي ڏيندي چيو تہ جيڪڏهن اوهان اسان کي انتظامن ۾ شريڪ نہ ڪيو تہ اسان وٽ ٻيا بہ طريقا آهن. ائين پئي محسوس ٿيو تہ هي همراه ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ نہ پر جهڙوڪ اسان کي ڪا سيڪٽ ڏيڻ آيا هجن. ان وقت انتظامي ڪميٽيءَ جي آڏو صرف ٻہ صورتون هيون. هڪ اها تہ ٻنهي ڌرين ۾ تصادم ٿئي ۽ ڪانفرنس هنگامي بازي جو شڪار ٿي وڃي ۽ اها منعقد ٿي نہ سگهي، جيڪو انتظاميہ اڳ ئي چاهيو پئي. ٻي صورت اها هئي تہ پليجو گروپ کي جيڪو ”آڌي ٽانڊي لاءِ ٿي ويٺي مالڪياڻي“ ٿيڻ لاءِ سنيريل هئي تنهن کي حصيدار بنائجي ٿر جي ڏڪويل، ڏڪاريلن جي حقن جي پاسداريءَ جي اها تقاضا هئي تہ ڪانفرنس بهرحال ٿيڻ گهرجي انتظاميہ ڪميٽي بروقت ۽ صحيح فيصلو ڪيو تہ ڪانفرنس هر صورت ۾ ٿيڻ گهرجي ان ڪري انهن جا شرط مڃيا ويا ان ڪانپوءِ پليجي گروپ جي ماڻهن اسٽيج ۽ پنڊال جي چوڌاري لٺين ۽ ڪهاڙين سان پنهنجا ماڻهو بيهاري ڇڏيا.“

”جلسي شروع ٿيڻ کان اڳ ٿر بچايو ڪميٽيءَ سان زبردستي انتظامن ۾ شريڪ ٿيل دوستن گڏيل ضابطہ طئہ ڪيا. انهن موجب (١) نعرا اسٽيج تان لڳندا (٢) پنڊال مان ڪوبہ نعرو نہ لڳندو پر جيڪڏهن ڪي نعرا لڳا تہ انهن کي اپيل ڪجي تہ هو نعرا نہ هڻن (٣) متضاد ۽ شخصي نعرا نہ لڳندا (٤) اسٽيج سيڪريٽري ٢ هوندا ٿر بچايو ڪميٽي پاران علي حسن چانڊيو ۽ پليجو گروپ پاران سراج سيال“.

”ڪانفرنس شروع ڪرڻ لاءِ جڏهن اسٽيج تي مهمانن کي سڏڻ بابت ڳالهيون ٿيون تہ پليجي گروپ وارن صرف پنهنجن ماڻهن کي سڏڻ گهريو ايتري حد تائين جو عورتن طرفان نمائندگي لاءِ جڏهن انهن جمهوريت پسند خواتين جي

هڪ ڪارڪن مظهر ٽالپر جيئي سنڌ جي هڪ ڪارڪن کي ڏسي ان پنهنجي پستول ڪڍي پڳو ۽ فائر ڪيا. اکين ڏٺا شاهد آهن جن چيو ته مظهر ٽالپر جي گولي لڳڻ سبب هڪ مسڪين ٽري پ-پ جو ڪارڪن حسن هنگورو ۽ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا ڪارڪن لڇمڻ ٽري ۽ ساجن شديد زخمي ٿي ڪري پيا. ان ڪانپوءِ به مظهر ٽالپر ۽ سندس پيا همراه فائر ڪندا رهيا".

فائرنگ ٿيڻ تي سڄي پنڊال ۾ ڀاڄ پئجي ويئي. سنڌ جو نام نهاد ڏاهو، مها انقلابي ۽ هٺ ٺوڪي بهادر اڳ-واڻ مسٽر پليجي جڏهن گولين جا آواز ٻڌا، تڏهن سندس زبان مبارڪ منجهان دانهن نڪتي "اڙي گـوليون ٿيون هلن، بچايـو". ۽ لاڏوءِ اٺ وانگر اتي جو اتي گوڏا ڪوڙي ويهي رهيو. بس سندس دانهن ڪرڻ جي دير هئي. هڪدم ٢٥–٣٠ مسلح گارڊ ڪيس گهيرو ڪري اسٽيج تان هيٺ لاهڻ لڳا. تڏهن PNP سنڌ جي صدر مسٽر شاهه محمد شاهه، اڳتي وڌي ڪيس چيو ته "گوليون اوهان جا ماڻهو پيا هلائين، اوهان کين منع ڪريو" پر هن ٻريشي جي مريض شاهه جي ڳالهه ٻڌي اڻ-ٻڌي ڪندي، سموري جلسي کي ان خوني جهڳڙي واري حالت ۾ ڇڏي پاڻ ڪار ۾ چـڙهي رمندو رهيو. اهڙي نموني پليجي واري حـاڪمانه ڪردار جـي اتي پچاڻي ٿي. جنهن بابت ٿر بچايو ڪميٽيءَ واضح نموني لکيو آهي ته "اسان مارئي جي ملڪ جي غريب ماڻهن، ٿـر جي پرامن ۽ ويڙهه کان پاڪ زمين جي تقدس کـي جنهن گندي نموني پائمال ڪيو آهي، ان ۾ رسول بخش پليجو گروپ کي ذميوار ٿا سمجهون ۽ انهن جي مذمت ٿا ڪريون".

جلسي جـي اهـڙي ريت پڄ ڊاهه کانپوءِ جـڏهن زخمي نوجوانن کـي اسپتال پهچايو ويو تڏهن ڪجهه ديـر بعد مسٽر پليجو پنهنجي اڌالي سان اسپتال پهتو. اسپتال ٻاهران پاڻ گاڏيءَ ۾ ويٺو رهيو ۽ ماڻهو موڪلي معلوم ڪرايائين ته زخمي ڪير ٿيا آهن. جڏهن ڪيس اها خبر پيئي ته زخمي نوجوان پ-پ ۽

جن کي ڏسڻ ڪانپوءِ عبدالحليم جوش جو هيٺيون شعر سندس ڪردار تي پورو ٺهڪندو نظر اچي ٿو.

سي وري ٿر کي ڇا بچائيندا،
پاڻ کي جي بچائي ڪين سگهيا،
ڏاڍي ڪوشش ڪيائون مرڪڻ جي،
نفرتن کي لڪائي ڪين سگهيا.

هاڻ مسٽر پليجي پنهنجي راڄوڻ لاءِ نئين سر رٿابندي ڪرڻ شروع ڪئي. آءٌ مٿي بيان ڪري آيو آهيان ته ١٧ تاريخ واري اجلاس جي ناڪامياب ٿيڻ وقت مسٽر پليجي ڪرنڌڙ ساک جي پردي پوشي ڪرڻ لاءِ حيدرآباد ۾ ٻيهر گڏجڻ جي تاريخ مقرر ڪئي هئي ته جيئن ڪم کي اڳتي هلائي سگهجي ان سلسلي ۾ ١٩ آگسٽ ١٩٨٧ع تي مٿي ڄاڻايل پارٽين جا نمائندا حيدرآباد ۾ گڏ ٿيا. ان گڏجاڻيءَ کان اڳ ١٤ آگسٽ ١٩٨٧ع تي عبرت اخبار ۾ سنڌي هاري ڪميٽيءَ جي سيڪريٽري اطلاعات سچل پيٽي جو هڪ بيان شايع ٿيو هو ته ٿر بچايو ڪانفرنس ۾ غنڊاگردي ڪندڙ اصل مجرمن کي بي نقاب ڪرڻ لاءِ سوڀي گيانچندائي، محمد ابراهيم جويي ۽ شيخ اياز تي مشتمل هڪ تحقيقاتي ڪميٽي قائم ڪئي وڃي. جنهن جي آڏو رسول بخش پليجو، جام ساقي، ارباب کهاوڙ، معراج محمد خان، شاهه محمد شاهه، امداد چانڊيو، صالح بلو ۽ معصوم ٿري پنهنجو پنهنجو موقف پيش ڪن. جنهن جي روشني ۾ اها ڪميٽي جنهن کي مجرم ثابت ڪري، اهو اڳواڻ سڄي سنڌي قوم کان معافي وٺي"
سچل پيٽي سنڌ جي سمورين ترقي پسندن، قوم پرستن، جمهوريت پسندن دانشورن کي اپيل ڪئي ته هن تجويز جي حمايت ڪن ته جيئن سنڌي ماڻهن جي اتحاد جي دشمنن کي وائکو ڪري سنڌي ماڻهن جي حقن لاءِ ٿيندڙ اتحاد کي بچائي سگهجي. مٿين تجويز کي سنڌ جي وسيع تر مفادن جي مد نظر بهتر سمجهيو پئي ويو پر اهو ڪم ڪري ڪير؟ آخرڪار

لکي ٿو ”جناب رسول بخش پليجو جيڪڏهن اتحاد جو نعرو هڻي ٿو ۽ ان جو اهو مطلب ورتو وڃي ٿو ته هو پنجاب جو ايجنٽ آهي يا سنڌ جي مفادن خلاف ڪم ڪري رهيو آهي ته انهن سياستدانن جو نالو ٻڌايو وڃي، جيڪي وفاق ۽ اتحاد جو نعرو نه ٿا هڻن پر جيڪڏهن ٻيا ڪيترائي سياستدان پڻ اهڙا نعرا هڻن ٿا. ته ڇا اهي به پنجاب جا ايجنٽ آهن ۽ سنڌ جي مفادن خلاف ڪم ڪري رهيا آهن؟ جيڪڏهن ائين آهي ته انهن کي به سنڌ ۾ جلسا ڪرڻ کان روڪيو ڇو نه ويو . ۽ انهن تي ڇو گوليون نه هلايون ويون صرف جناب رسول بخش پليجو تي ئي نزلو ڇو ڪريو؟ ڪيترن سياسي ۽ مذهبي جماعتن جي شناخت پنجاب سان ٿئي ٿي. انهن جا صدر دفتر پڻ پنجاب ۾ آهن ۽ انهن جي اڳواڻن جو تعلق پڻ پنجاب سان آهي. انهن جماعتن جي اڳواڻن کي سنڌ ۾ هر هنڌ جلسا ڪرڻ کان انهن ساٿين ڪڏهن ناهي روڪيو، جيڪي پاڻ کي سنڌ جي مفادن جو واحد ٺيڪدار ظاهر ڪن ٿا . پر فرزند زمين جناب رسول بخش پليجو جي جلسي ۾، جيڪو ٽر وارن ڏڪار هيٺ آيلن جي مدد لاءِ ٿي رهيو هيو، گوليون هلايون ويون ۽ ان کي درهم برهم ڪيو ويو ان منجهان ظاهر ٿئي ٿو ته اصل مسئلو اهو ڪونهي ته پنجاب جو ايجنٽ ڪير آهي ۽ سنڌ جي مفادن خلاف ڪير ڪم ڪري رهيو آهي بلڪ جهڳڙي جو بنياد سنڌ ۾ سياسي اجاره داري قائم رکڻ جو منصوبو آهي“(١).

مٿين لکت منجهان معلوم ٿئي ٿو ته جناب پليجي جو دفاع ڪندڙ نام نهاد دانشور به اهڙائي آهن جن کي سنڌ ۾ آيل سجاڳيءَ جو به پورو تجزيو ڪونهي ۽ هليا آهن سنڌ جي قسمت جا فيصلا ڪرڻ! سنڌ ۾ آيل سجاڳيءَ جو اهو عالم آهي جو پارٽي ڪٿي ڪهڙي به ڇو نه هجي. پيپلز پارٽي هجي يا جماعت

---

(١) دهلوي، محبوب. پليجو پر فائرنگ روزنامه امن ڪراچي ٢٢ آگسٽ ١٩٨٧ع.

اسلامي هجي پر هر ڪنهن ڪي، سنڌ اندر سنڌ جي مسئلن بابت ضرور ڳالهائڻو پوي ٿو. ۽ پوسٽرن تي هڪ ڪنڊ تي ”جيئي سنڌ“ لکڻو پوي ٿو. وفاق پرست جماعتون ته برابر سڀ آهن پر سنڌ ۾ ڪين اهڙي ريت منافقيءَ وارو ڪردار ادا ڪرڻو پوي ٿو. اها سندن مجبوري بڻجي چڪي آهي. اها ئي ڳالهه آهي ته جماعت اسلامي وارن جي منافقيءَ جو پنهنجو طريقه ڪار آهي ته پ.پ وارن جو پنهنجو طريقه ڪار آهي ۽ سائنسي سوچ رکندڙ مسٽر پليجي واري مڪارپ ۽ منافقيءَ وارو پنهنجو جدا گانه طريقه ڪار آهي. ۽ جيستائين عوام جو سوال آهي اهو هاڻ اها ڳالهه چائي چڪو آهي ته ”جيڪو پنجابين جو يار آ، غدار آ غدار آ“ اهوئي سبب آهي جو سياستدانن کي هاڻ سڌي ڳالهه ڪرڻ بجاءِ مڪارپ ۽ منافقيءَ کان ڪم وٺڻو پوي ٿو. مثال طور مسٽر پليجو اڳ ۾ سنڌ جي سچار پٽ حيدر بخش جتوئي جي انڪري ظاهر ظهور مخالفت ڪندو هيو. جو هن سنڌ جي مسئلن کي اوليت ڏني. پر اڄ اهوئي پليجو پاڻ کي سنڌ جي سياست جو سچار هيرو ظاهر ڪرڻ واري ڪوشش ۾ مصروف عمل آهي.

